Daily "AGTAY QADAM" Karachi, Sindh

ABC CERTIFIED

Visit Our Website & Social Media
Web: agtayqadam.com
Face Book: Agtayqadam - Twitter: agtayQ

روزاني
اگتي قدم
ڪراچي
رابطي لاءِ: 03001077665

جلد (10) جمعو 03 فيبروري 2023ع، بمطابق 11 رجب المرجب 1444ھ (شمارو پهريون) قيمت 20 روپيا

# وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي جي هدايتن تي ريجنل ڊائريڪٽر وفاقي محتسب سکر جي لاڙڪاڻي ۾ کليل ڪچهري منعقد



جيڪب آباد (رپورٽر حضور بخش سومرو) وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي جي هدايتن تي سيد محمود علي شاهه ريجنل ڊائريڪٽر وفاقي محتسب سکر اڄ لاڙڪاڻي ۾ اوپن ڪچري شڪايت ريزوليوشن تحت (سيپڪو) سرڪل لاڙڪاڻو خلاف داخل شڪايتن جي ٻڌڻي ڪئي، ان موقعي تي سيپڪو جي طرفان شاهه مراد جتوئي، روينيو آفيسر سيپڪو قمبر شهدادڪوٽ، روينيو آفيسر سيپڪو قمبر شهدادڪوٽ، سهيل احمد خاور، روينيو آفيسر سيپڪو ڊويزن لاڙڪاڻو ۽ تنوير احمد، سيپڪو ڊويزن لاڙڪاڻو رورل شرڪت ڪئي، جڏهن تہ سوئي گيس طرفان سعيد احمد ڪوريجو ڊپٽي مئنيجر SSGCL) لاڙڪاڻو) ۽ سيپڪو ڊويزن لاڙڪاڻو محمد اختر شرڪت ڪئي، ڊپٽي چيف مئنيجر لنڊ (ايس ايس جي سي ايل لاڙڪاڻو) سيد محمود علي شاهه شرڪت ڪئي، درخواستگذارن جي شڪايتن جو فيصلو ڪيو ۽ يقين ڏياريو تہ جاڻايل شڪايتن تي 30 ڏينهن اندر ادارن کي عمل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن، ٻي صورت ۾ عمل درآمد نہ ڪرڻ جو ڪيس وفاقي محتسب کي موڪليو ويندو ۽ حڪم جي پيچڪڙي ڪندڙ آفيسر خلاف ڪارروائي جي درخواست ڪئي ويندي ۽ آخر ۾ شڪايتن تي عملدرآمد ۾ دير تي وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي ڪي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو، فيصلن تي بروقت عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي ٻي صورت ۾ غفلت ڪندڙ آفيسرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.3138